# مهراڻ

٣/١٩٨٦ع

عالمي امن سال-١٩٨٦ع



سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

بسم الله الرحمن الرحيم

قرآن ڪريم جون مقدس آيتون ۽ نبي ڪريم جون حديثون
توهان جي ديني معلومات پر اضافي ۽ تبليغ لاءِ شايع ڪيون وڃن
ٿيون. انهن جو احترام توهان جو فرض آهي. ان ڪري جن
صفحن تي اهي آيتون هجن، تن کي صحيح اسلامي طريقي
مطابق بيحرمتي کان محفوظ رکيو وڃي.

## سرِورق

ڀوڏيسر جي مسجد، گجرات جي حاڪم سلطان محمود بيگڙي ٺهرائي، جا سنگِ مرمر جهڙي پٿر جي ٺهيل آهي. هن مسجد جي ڏيکھ ۽ ويکر ڏيھ نوٽ ڪن آهي. اڌ ۾ ٿنڀن سان اڏاوت آهي ۽ اڌ خالي آهي. منڍي ٿبو آهي، جنھن جو نمونو اهڙو آهي جهڙو مغلن جي وچئين سمي ۾ اڏيل مسجدن جو. محراب وٽ هڪ پٿر لڳل آهي، جنھن تي فارسي اکر لکيل آهن، پر سنڀال نہ هئڻ سبب ڏهي ويا آهن، چٽا پڙهڻ ۾ نٿا اچن. البت محمود بن مظفرشاه جو نالو ۽ سال ١٥٠٥ع پڙهي سگھجن ٿا. هن مان سمجهجي ٿو تہ سلطان جي ٺين ڪاھ، انهيءَ سال ١٥٠٥ع برابر ٨٨٠ھ=سنبت ١٥٦٢ ۾ ٿي. اها مسجد، ننگرپارڪر تعلقي ۾ ڀوڏيسر ڳوٺ وٽ آهي، جنھنڪري عام طرح "ڀوڏيسر واري مسجد" سڏجي ٿي. ڀرسان قبرستان آهي، جو انهن شهيدن جو آهي، جي سلطان محمود جي لشڪر ۾ هئا ۽ بهادريءَ سان وڙهندي مارجي ويا.

(تاريخ ريگستان-١، ص ١٤٢-١٤٣)

## سرِورق

پوڙيسر جي مسجد، گجرات جي حاڪم سلطان محمود بيگڙي ٺهرائي، جا سنگِ مرمر جهڙي پٿر جي ٺهيل آهي. هن مسجد جي ڏيکھ ۽ ويڪر ٽيھ فوٽ ڪن آهي. اڌ ۾ ٿنڀن سان اڏاوت آهي ۽ اڌ خالي آهي. مٿي ٿبو آهي، جنهن جو نمونو اهڙو آهي، جهڙو مغلن جي وچئين سمي ۾ اڏيل مسجدن جو. محراب وٽ هڪ پٿر لڳل آهي، جنهن تي فارسي اکر لکيل آهن، پر سنڀال نہ هئڻ سبب ڊهي ويا آهن، چٽا پڙهڻ ۾ نٿا اچن. البت محمود بن مظفرشاھ جو نالو ۽ سال ١٥٠٥ع پڙهي سگهجن ٿا. هن مان سمجهجي ٿو تہ سلطان جي ٿين ڪاھ، انهيءَ سال ١٥٠٥ع برابر ٨٨٠ھ=سنبت ١٥٦٢ ۾ ٿي. اها مسجد، ننگرپارڪر تعلقي ۾ پوڙيسر ڳوٺ وٽ آهي، جنهنڪري عام طرح "پوڙيسر واري مسجد" سڏجي ٿي. پرسان قبرستان آهي، جو انهن شهيدن جو آهي، جي سلطان محمود جي لشڪر ۾ هئا ۽ بهادريءَ سان وڙهندي مارجي ويا.

(تاريخ ريگستان-١، ص ١٣٢-١٣٣)

ٻين لفظن ۾ تہ اشتراڪي ادب جيڪڏهن ڪامياب بہ ٿيو تہ گهٽي ۾ گهٽ هڪ قسم جي حڪومت قائم ڪري سگهندو، جنهن حڪومت جي عيبن ۽ ئوائن بابت بہ ٻہ رايا ٿين ٿا ۽ اخلاقي اپيل قوم ڏاهيندي جنهن جا ٻہ رايا ٿئا ٿي سگهن.

امت ڪي 'آمت مرحوم' (جنهن جو عام مطلب هي آهي تہ امت فوت ٿي چڪي) چئي چئي قوم کي سچ پچ مرده بنائڻ وارن کي گهرجي تہ آئينده عبداللطيف عليہ رحمت جي پيروي ڪندي امت جا ۽ انسانيت جا نيڪ وصف ٻڌائن، جي عام ماڻهو کائنن ٻڌن. اوهان کي ياد هوندو تہ هڪڙي ماڻهوءَ کي ٻن ٻيا ٽن ٽڪن چيو هو تہ "ڪتو چيو ڪلهن تسي ڪنيو اٿئي تہ هن مسڪين پنهنجو ڇيلو کڻي اڇلايو هو." اهو اثر سائيڪلاجيڪل اثر خلق خدا جي چوڻ جو.

"مهراڻ" آفيس جي ڄامشوري منتقلي

مهراڻ رسالي جي آفيس، بورڊ جي پريس سان گڏ، تاڪ چاڙهي کان ڄامشوري واري هيڊ آفيس ڏانهن منتقل ٿي چڪي آهي. لهذا، اديبن ۽ شاعرن کي گذارش ڪجي ٿي تہ مهراڻ لاءِ مواد آئينده هن ائڊريس تي موڪلڻ فرمائين.

ايڊيٽر مهراڻ رسالو،
سنڌي ادبي بورڊ،
اسٽيشن روڊ، ڄامشورو، سنڌ
(فون نمبر ٧١١٧٦)

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٣٥] [نمبر ٣

جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر

١٩٨٦ع

---

نگران

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ

اسٽيشن روڊ، ڄامشورو، سنڌ

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 35, No: 3, 1986.
[Established in 1955]


- An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
- Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi language and literature.
- Contemporary Creative literature, History, Civilization, Lexicography, Education, Music, Folklore, Archaeology and General Culture of Sind are the main topics of material usually published in this periodical.
- Besides translations of world literature are also presented.
- All correspondence about publication be addressed to:
  Nafees Ahmad Shaikh
  Editor 'Mehran', Quarterly,
  Sindhi Adabi Board,
  @ Jamshoro, Via: Hyderabad, Sind, Pakistan.
- Can be had from:
  (1) Manager Bookstall
  Sindhi Adabi Board, Station Road, Jamshoro, Sind.
  (2) Incharge Book-Shop
  Sindhi Adabi Board BookStall, Tilak Incline, Hyderabad.

خريداريءَ لاءِ خط و ڪتابت

(۱) مئنيجر بوڪ اسٽال
سنڌي ادبي بورڊ اسٽيشن روڊ، ڄامشورو
(۲) انچارج بوڪ شاپ
سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

ساليانو چندو: ۷۵-۰۰ رپيا    في ڪاپي: ۲۰-۰۰ رپيا


**Printed & Published by Mr. Ghulam Rabbani A. Agro**
**at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Tilak Incline, Hyderabad, Sind.**



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

برباد ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ وڄوٽ/وڃناٽ جهڙي اهم تاريخي ماڳ جي تازه تباهي افسوسناڪ واقعو آهي، جيڪو اخبارن ۾ اچي چڪو آهي. سنڌ جي علمي حلقن وڄوٽ جي برباديءَ جي موضوع تي الڳ پڪاريو هو.

ضرورت ان امر جي آهي تہ سنڌ جي قديم آثارن سان غفلت روا رکي وئي آهي، اهو سلسلو هاڻي بند ٿيڻ کپرجي.

جڏهن تہ حڪومت طرفان قائم ڪيل ڪميٽي، هن موضوع جو تفصيلي جائزو وٺندي ۽ پنهنجون سفارشون پيش ڪندي، تڏهن اسان ان ڳالهہ تي زور ڏينداسين تہ محڪمي آثار قديمہ جو جائزو ورتو وڃي، جو تہ سنڌ وارن کي هن کاتي جي ڪارڪردگي بابت بي انداز شڪايتون رهنديون اچن ٿيون. ان سلسلي ۾ اسان جي هڪ تجويز آهي تہ سنڌ جي تاريخي جاين جي سنڀال لاءِ سنڌ جي عالمن ۽ محققن، دانشورن ۽ مؤرخن کي بہ مشاورت ۾ شامل ڪيو وڃي، جيئن سنڌ جا قديم آثار، تحفظ ۽ نگهداشت جي ڏس ۾ قيمتي تجويزون حاصل ڪري سگهن. ان سلسلي ۾ سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي جو سهڪار ۽ مشاورت اڻ ٽر آهي، جنهن کي سنڌ جي قديم آثارن بابت بهتر ڄاڻ حاصل آهي.

ساڳئي وقت ان ڳالهہ جي بہ وڏي ضرورت آهي تہ سنڌ ۾ قديم آثارن جي سڀني هنڌن ۽ تاريخي يادگارن جي هڪ مڪمل ۽ وسيع فهرست تيار ڪئي وڃي ۽ جن هنڌن کي هيل تائين نظرانداز ڪيو ويو آهي، تن کي شامل ڪري، انهن کي برباد ٿيڻ کان بچايو وڃي. ان نقطي جي بہ وڏي اهميت آهي تہ سنڌ جي قديم آثارن بابت لٽريچر، وڏي تعداد ۾ شايع ڪري عوام کي ان جي اهميت ۽ تاريخي پس منظر بابت ڄاڻ مهيا ڪئي وڃي.

- نفيس احمد شيخ

# فهرست

## شاعريءَ جو ڀاڱو


١. تنوير عباسي ١٩

٢. نياز همايوني/شمشير الحيدري ٢٠

٣. بشير موريائي/احمد خان آصف مصرائي ٢١

۴. سليم ڳاڙهوي/عبدالقيوم صائب ٢٢

۵. مظفر حسين جوش/نواز علي شوق ٢٣

٦. استاد بخاري/محسن ڪڪڙائي ٢۴

۷. عنايت بلوچ ٢۵

٨. ذوالفقار راشدي/سرو ڀچندر شاد ٢٨

٩. رحيم بخش قمر/نثار بزمي ٢٩

١٠. احمد خان مدهوش/آثر لاٽن شاهي ٣٠

١١. ولي محمد وفا/انيس انصاري ٣١

١٢. تاج جويو/خاڪي جويو ٣٢

١٣. مختيار ملڪ/نصير مرزا ٣٣

١۴. اياز گل/پشپا ولڀ ٣۴

١۵. ادل سومرو/ذوالفقار سيال ٣۵

١٦. مخدوم جميل الزمان/راشد موراني ٣٦

١۷. هدايت بلوچ/نظام زائر ٣۷

١٨. مير غلام الله خان ٽالپر/محمد شريف طالب ٣٨

## مقالا


| | | |
|---|---|---|
| ١. شاهه جي بيتن ۽ واين ۾ وزن ۽ قافيي جا معيار | - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ۴١ |
| ٢. قلندري طريقو | - ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ۴٩ |
| ٣. ڀٽائي گهوٽ جي سُر سارنگ جو مطالعو | - ڊاڪٽر نواز علي شوق | ٥٦ |
| ۴. خواجه غلام فريد ۽ سچل سرمست | - الياس عشقي | ٦۴ |
| ٥. انڊيا آفيس لئبرري لنڊن ۾ سنڌي قلمي ڪتاب | - غلام محمد لاکو | ٨١ |
| ٦. ڪوٽ ڏجيءَ جو قلعو | - الطاف اثيم | ٩٥ |
| ٧. سنڌ جا ٻه قديم بندرگاهه (رهڪي بازار ۽ لاهري بندر) | - محمد اسماعيل شيخ | ٩٩ |
| ٨. مير لطف الله عرف مير ستارو | - قريشي حامد علي خانائي | ١٠٦ |
| ٩. سانگهڙ ضلعي جي هڪ لک سال تاريخ | - ايم. ايچ. پنهور | ١١٢ |


## ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ١. سڪار | - نجم عباسي | ١٢١ |
| ٢. سوال | - قاضي خادم | ١٢٥ |
| ٣. ڪوريئڙي جو ڏاڪو | - ريونوڪي اڪوتاگاوا<br>مترجم: ٽلي رام وليپ | ١٢٩ |
| ۴. اونداهي دنيا روشن ڪرڻو | - غلام رسول ڪلهوڙو | ١٣٢ |
| ٥. سڄو سنسار | - افروز شورو | ١٣٦ |
| ٦. لهندڙ سج | - منظور ٿهيم | ١٣٩ |
| ● تبصرا/تعارف | | ١۴۴ |

پُڇان پنهل لئه ڪيها پار—
رانول منهنجي روح وسي ٿو.

رويت ڪاڻ جو روح رچائين، رنگ رفع ڏيا همه يڪبار.
وَهُوَ مَعَڪُم پاڻ ڪي چائي، ڳوليان ڪهڙا غير جا غار.
ونحن واري رمز ڏسائين، جا آهي اندر ڪي آڌار.
غير ۾ جو ڏو غوطا کائين، اصغر اڪبر آهين يار.

—علي گوهر شاهه ”اصغر“

## شاعريءَ جو پاڳو

"... ٻي خصوصيت، جيڪا جديد سنڌي شاعريءَ جي جان آهي، سا آهي انفراديت. اسان جي جديد دؤر جي هر سٺي شاعر، ڪوشش ڪري پنهنجي تخليق ڪئي آهي. پنهنجن ذاتي تجربن، مشاهدن ۽ احساسن کي بيان ڪيو اٿس. ان ڪري، هن دؤر ۾ ڪيترين تشبيهن، استعارن، اصطلاح ۽ محاورا اسان جي شاعريءَ جي، دنيا ۾ داخل ٿيا آهن، جيڪي شاعريءَ لاءِ بلڪل نوان آهن. تخليقي صلاحيت شاعريءَ يا ادب جي ڪنهن به حصي جي جان آهي--پوءِ اها تخليق ڪا سٺي تشبيهه هجي، سٺو استعارو هجي، ڪو سهڻو محاورو ۽ اصطلاح هجي يا ڪو اعليٰ خيال. روايتي شاعريءَ جي سڙيل ڪٿيل تشبيهن ۽ اصطلاحن کان بيزاري محسوس ڪندي، اسان جي شاعرن پنهنجي چوڌاري نظر ڊوڙائي: هنن 'نرگس بيمار' جي تصور ڪرڻ بدران نيڻن جي ڀؤر ۽ سرنهن جي گلن جي سونهن کي سميٽي، پنهنجي شاعريءَ جو پاند پريو..."

— "تنوير" عباسي

## تنوير عباسي

### سچ

سچ وهي ٿو دريا وانگر
سچ وڌي ٿو
۽ ڦهلجي ٿو
گونچ ڪڍي ٿو — گل ڏئي ٿو
رسجي ٿو ۽ ميوو ڏئي ٿو
سچ وهي ٿو دريا وانگر
پر ڪنهن سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو.
سچ هر دور ۾
۽ هر جاءِ تي
هڪجهڙو ناهي
سچ بيٺل پاڻي ناهي
ڪالهوڪو سچ جو هو
اڄ وڌي وڻ ٿي ويو آهي
ان ۾ جيڪو ڪالهه نه هو
(گونچ، گل ۽ ميوا)
سو اڄ آهي
ڪالهه چيو جيڪي مون
سو اڄ اڌورو آهي
سچ وڌي ٿو ۽ ڦهلجي ٿو
پر هر وقت اهو
اڌورو آهي—
سچ وڌي ٿو ٻار جيان
جوان ٿئي ٿو
پر هو پوڙهو ڪين ٿئي
۽ نه مري ٿو
سچ سدا اڌورو
سچ سدا بهار
سدا جوان
سدا حيات

## 'سليم' ڳاڙهوي

### غزل

جڏهن هُو ماهرُو مُرڪيو، چمن جي هرڪلي مُرڪي،
زمان مُرڪيو، زمين مُرڪي، زمين تي زندگي مُرڪي.

چمن ۾ چهل قدميءَ لاءِ جنهن دم جانِ جان آيو،
زبان تي مرحبا آئي، چمن تي ٻئي خوشي مُرڪي.

سڄڻ جي سُونهن جا دُنيا ۾ تازا داستان آهن،
ستارن ۾ ضيا مُرڪي، قمر ۾ روشني مُرڪي.

ڪُٺل سان زُلف خاميءَ جي هوائُن ۾ هڳاءَ آيا،
لٺيءَ جي قيد کان آزاد تي، شائستگي مُرڪي.

نهاري دلربا جي دلبريءَ جو ڍنگ دُنيا ۾،
حسينن حُسن ماڻيو، دلبرن جي دلبري مُرڪي.

نُمان نام آيو ناموَر جو جنهن گهڙيءَ جڳ ۾،
زبان تي زيب آيو ۽ دَهن تي نغمگي مُرڪي.

پرينءَ جي پير جا نقشا چُمي، سارا چمن چمڪيا،
رتن مُرڪيا، سمن مُرڪيا، ڪنوَري خُلد جي مُرڪي.

'سليم' اُن سُونهن جي سردار جي صدقي سَريو سڀڪُجهه،
سُندا سڀ تي پيا سجدا، پهلي تي بندگي مُرڪي.

## عبدالقيوم صائب

### رباعيون

معروف طرب آهن رندانِ جهان،
جهومي ته اٿيو آهي اڄ ڪون و مڪان؛
مستي و خوشي هرسو ڇانيل آهي —
اڄ رقص ۾ آهن خود حورانِ جنان.

-

گلرنگ جواني ۽ مينا بردوش،
سرمست و سرخوش، سڌ ساتا ميوش؛
اڏو جي اڄي ٿيندا، پوءِ ڇا ٿيندو —
والله غضب ٿيندو، رهندو جي هوش.

-

## استاد بخاري

●

ڪنهن ڪنهن ڏينهن تہ ايندي ڪر تون،
دل تان ڏور ڇنڊبندي ڪر تون.

منهنجي آس، اميد آهين او، مون کان منهن نہ مٽيندي ڪر تون.
منهنجو شوق شفق ۾ رڱجي، ميندي روز مڪيندي ڪر تون.
ڪنهن جا جذبا ڇيڙڻ مان ڇا، سوپاريون لہ ڇپيندي ڪر تون.
ساز آهيان استاد بخاري، ڇهندي ڪر، ڇيڙبندي ڪر تون.

## محسن ڪڪڙائي

### ڪافي

تنهنجي پيار ڏنا، مون کي ستو سُک،
تہ بہ ڪانہ لٿي، منهنجي برھ جي بُک.

توکي ياد ڪيون، پيو جڳ ۾ جيان،
توکي دل سان دعائون ڏيو روز ڏيان،
تنهنجو لانئ وٺي، ڏاڍو خوش پيو ٿيان،
تنهنجا ڏک بہ لکن مون کي ڪونہ ٿا ڏک.
تنهنجي پيار......

تنهنجي قربن جو ڪو حساب نہ آھ،
تنهنجي جان جو بہ جواب نہ آھ،
تنهنجو عشق سچو ڪو عذاب نہ آھ،
وينو ورد ڪيان، وجهي نينهن جي ٽڪ.
تنهنجي پيار......

تنهنجا "محسن" تي احسان وڏا،
توکان محب مليا، مون کي مانَ وڏا،
تہ بہ دل ۾ اٿم ارمان وڏا،
سکهو آ، تہ دَمي نہ وجهن ڪي دُک.
تنهنجي پيار......

عنايت بلوچ

## وقت جو وهڪرو

اجنبي ديس ۾ ڇا نه سا رات ٿي،
جنهن ۾ تنهنجي ۽ منهنجي ملاقات ٿي،
تنهن ملاقات ۾ رات پرڀات ٿي،
جيڪا تو لاءِ مون لاءِ سوغات ٿي:

رات جي تات ۾ ڪيئن نه رشتا جڙيا،
جوش جذبا وڌيا، سي نه موتي سڙيا.

ڪيئن نه دوري دورنگي ۽ ويڇا ويا،
پيار پالوت ڪئي، وهم ويندا رهيا،
آلسڌ اڻ تڻ اندر ۾ آدسا اڀيا،
روح تڙپي پيا، جسم بيتاب ٿيا:

تـوڙي پانهن پڪوڙي لپيٽي ڇڏيو،
جسم جي سوهه ڪي روحَ ريٽي ڇڏيو.

توسان جاني جڏهن جلد اکڙيون اڙيون،
چاهتون، رغبتون ڪيئن نه جڪڙيون جڙيون،
ياد ڪر بيخوديءَ جون سي گهاربل گهڙيون،
سرڪ ۽ لڙڪ ماڪي ۽ مصريءَ ڪڙيون:

عشق جي وهڪري ۾ وباسون وَهي،
سوچ ۽ سرت جا سپ ويا ليڪا لهي.

چند لمحن جي دوري به ڇڻ سال هو،
تو ڏني ريءَ جيئڻ به جنجال هو،
توڪان اڳ ڇڻ نه تن من ۾ ڪو خال هو،
تون به روڳي، عنايت به بدحال هو:

پيار جو، نوت جيون تي ڇنڪار ٿيو،
دل جي ويران واديءَ تي وسڪار ٿيو.

برهه برسات ۾ هير هبڪار هئي،
ڇا نه ٻلڪن جي ٻاڇن ۾ مهڪار هئي،
حسن جي هنج ۾ جيء جهنڪار هئي،
پيار جي ڇانوَ ۾، ڇا نه ٺٺڪار هئي!
ڪٿي نه وارن جي وکرن ۾ وس قاسجي،
مست مکڙيون ٽڙيون، وڃو بدن واسجي.

نيٺ الفت وفا جا وئي واعدا،
سون ڇيو الوداع، تو ڀڃي سڏڪا پريا،
ڏار ٽينديون جڻ ٿي ويو محشر بپا،
جيئن خوشبوء گل گان وڃي ٿي جدا!
روح بيتاب ۽ جسم جلندو رهيو،
لاش زنده ڪو ڏرتيء تي هلندو رهيو.

هجر ۾ خط ڪتابت جو ٿيو سلسلو،
دل جي مايوسين کي مليو حوصلو،
ڪاله دوري رهي ۽ مٽيو فاصلو،
تنهنجي تحرير سون لٺه وڏو مشغلو:
تنهنجي خط لاءِ ٿي روز راهون ڏٺيون،
جيئن تو ڀڃي ستنا، تيئن صدما سٺم.

پرت پيوند پختا لڳائي وئي،
درد دونهان اندر ۾ دکائي وئي،
ساهه ۾ سڪ اهڙي سمائي وئي،
ننبد نيڻن منجهان سوکلائي وئي!
تنهنجي پهرين خطن ۾ هي احوال هو،
پيار جو سلسلو هي پر ٿي سال هو.

نيٺ ڦيرڪو ڦريو، سونهن سرهاڻ وئي،
تنهنجي لفظن سان چاهت جي چانڊاڻ وئي،
ٿي شڪايت شروع جلد، واڪاڻ وئي،
تيز ڪا 'وير'، توکي ڪٿي ساڻ وئي:
'روح راڻي' ٿئين نيٺ تون اجنبي،
دل ٿي بجلي ڪري، ڳالهه کهڙي ڪبي.

پيار ۾ ڪين شايد هو ايڏو اثر،
جو رهي مرڪ ها لڙڪ لئه منتظر،
ڏوهه تنهنجو نه آ، مان رهيس بي خبر،
تنهنجا شام و سحر سولهن، مان دربدر،

تنهنجي راهن ۾ چوطرف رنگينيون،
محفلون، مجلسون، راحتون، روشنيون.

تنهنجي فرقت ۾ مون شعر نغما لکيا،
نظم ڪافيون ڪٿا گيت گونجي اٿيا،
جيڪي توتي لکيم، سي ٿي مشهور ٿيا،
پو به الزام مون تي ته مان بيوفا،

سؤ بهانا جي ميراڻ دل ۾ اچي،
پيار مانو ٿئي، ڪجهه نه باقي بچي.

پيار جي بار ٿئي، جند ڇڏرائجي،
صاف اقرار ڪان ڪين گهبرائجي،
وقت جي وهڪري ڪان نه شرمائجي،
جيڪو جلدي چڙهي، رنگ سو لائجي:

ڪير دنيا ۾ ڪنهن سان وفا ٿو ڪري،
جيءُ جهوري ڇڏي، سرد آهون ڀري.

ڇو ' ته آزاد ماحول ۾ ٿي رهين،
پوءِ پابند ڪنهن لاءِ ڇو تون رهين،
'پيار ناڪام' لئه سُور صدما سهين،
منهنجي خوابن ۾ ڀر پوءِ ڇو ٿي اچين،

منهنجي دل ڇو اڃا تائين منهنجي نه آ،
جوش جذبا اڃا ٻي چريا چلولا.

مون کي پهرين ملاقات بس ياد آ،
دل انهيءَ ياد سان منهنجي آباد آ،
توکان شڪوو شڪايت نه فرياد آ،
ڪونهي جڪڙيل اڃا، ڪونهي آزاد آ،

وقت سان ساڻ تنهنجو سلامت هجي،
درد مون وٽ 'عنايت' امانت هجي.

## ولي محمد وفا

•

عجب نہ آهي تہ اڄ ڪان ڀوءِ ڪڏهن نہ ملون
عجب نہ آهي جي اڄ ڪان ڀوءِ جدا نہ ٿيون
عجيب سوز تي اي دوست بينا آهيون اڄ
عجب نہ آهي جي اڄ ڪان ڀوءِ برملا نہ ٿيون
اڄوڪي رات اسر آ، اڄوڪي رات جو ملهہ
هزار هجر جي راتين جي صورتن ۾ ڏيو
اڄوڪي رات سندءِ جسم، مرمرين اي پرين
هيئين سين لائبو، ٻانهن ۾ ڀريو، پيار ڪبو
اڄوڪي رات اي سنڌڙا فقط اڄوڪي رات!

## انيس انصاري

•

هتي حد ڪان زياده بي نيازي،
هتي مائل خدائي تي رهي آ.

لڪائي چنڊ چنڊ پنهنجي نظر کي، سندس جلوه لمائي تي رهي آ.
هوا خود صحن منهنجو ٿي بهاري، هي ڪنهن جي پيشوائي تي رهي آ.
هٿن تي آهہ مينديءَ پان منهن ۾، نگاهن سان لڙائي تي رهي آ.
ستارو آسمان تي جگمگايو، اسان ۾ اڄ صفائي تي رهي آ.
زبان چو ڪين ٿي ڏي ساٿ دل جو، سڄي ڪٿ چو ڪمائي تي رهي آ.
زمين ۽ آسمان جي آهہ شادي، شفق ان لئہ حنائي تي رهي آ.
ستارا حال منهنجي تي ٿا روئن، سرن ڪان اڳ جدائي تي رهي آ.
انيس الله واهي آهہ تنهنجو، سنڌ ڀيڙي توائي تي رهي آ.

## تاج جويو

### هائيڪا

سارو ٽرُ ڪتاب،
پڙهي ڏس پيرائتو،
سورن پُرهو نصاب.

هُو ڏس! ٽري ٻار،
انگ اکهاڙو ۽ ٻکيو،
قُدرت جو شهڪار.

جيئون ٿيون جيئون،
الا! هيلُ ڏُڪار ۾،
ٻوٽي ٻوٽي جون!

پٽون ڳاڙهي ٻاڪ –
هڙي سُونهن نه مون ڏٺي،
ڌرتي! تنهنجي ساک.

ٻکي ٻکي ٻاڪ،
مٿو چُمي ماٿار جو،
هاري ويٺي لاڪ.

ٽر جي چانڊوڪي،
مون وٽ آئي رات جو،
ڏات ٻڌي ٻوڪي.

چانڊوڪيءَ ڇُناڪا،
ڇٽيا ڇونٽري ڇيتِ مان،
خُوابن جا خاڪا!

## خاڪي جويو

### هائيڪا

ماڳ اسان جو پاڳ،
سُرڪن ري محبوب جو،
ڏسون شل نه ڏهاڳ.

ڳهر ڳاري مون،
ڪيو سُج ۾ سوجهرو،
ڏيئا ٻاري مون.

تن من واري مون،
رَتُ ڏيارهو رُتِ ڪي،
کهنگهر کهاري مون.

اجان ٻه رُنڌي تون،
سچي هن سماج جا،
ڳوڙها ئيندي تون.

رت اڳاڇي رات،
وڙهندي جڏي وجود سان،
پورهيت ڪٽي پرڀات.

ٻانهن تي ٻَرُ ٻَرُ،
هيڏي هُرڪُر هاڻ ۾،
چپن تي چُرپُر.

## مختيار ملڪ

●

ڳل جو ڳل سان ٽيو ٽڪراءُ،
ڏس ته هوا ۾ ڇا نه هڳاءُ.

ڪليءَ ڪليءَ تي ڀونرا ڪيني، ٻوٽ ٻوٽ جو ڳل سان لڳاءُ.
ٻن ٻن ماڪ نمايان آهي، موتين جو ڄڻ آهي نماءُ.
چاهت جو آڀري ٿو چنڊ، گهڪهڻ ۾ ٻهجي ويو آ گهاءُ.
منهنجو گهورڻ ڄڻ آواز، تنهنجو مرڪڻ ڄڻ ٻڙلاءُ.

## نصير مرزا

### واچوڙي جي ويڻي ٻاٽي...

نيڻ ڪتابن ۾ سجني!
لڙڪن جون هي ننڍڙيون ٻنڪڙيون
ڪنهن جي لاءِ!

سورج جهڙي روشن بندي
چمڪيني ٻني جا ماٿي تي
آودا، ٿڪا، ڪرنا ٻني الهاني ڇو؟

ٻَ هي ڇير ستارن جي
گهنگهرو گهنگهرو، ڪومايل گل پامي ٻني

ٻاڳل ڇوري!
ڏير ڏير آٽ سينڌ سجاني
ديپُ جلاني
ڦول ستارن ساڻ سورو بن مهڪاني

’ڪُميت‘ تي هُو...
ڏُوڙ اڏائيندو، بن ٻاهيندو
واچوڙي جي ويٺي ٻاني
آڇني ٻيو
اڇني ٻيو!

ادل سومرو

## گيت

آهي ڏوهه
آهي ڏوهه
هن محفل ۾ لُڙڪ وهائڻ آهي ڏوهه.
آهي ڏوهه.

جذبن ۾ ملجي سرڪي ملجي،
پنهنجي دل جو حال نه سلجي.
پر،
سُتهن ۾ ملندي ٻار لنوائڻ آهي ڏوهه.
آهي ڏوهه.

جذبن جو اظهار ڪجي،
جنهن سان دل جني پيار ڪجي.
پر،
پنهنجن کان ئي پيار لڪائڻ آهي ڏوهه.
آهي ڏوهه.

ڪل خوشيءَ ۾ گهڙيون گهاريو،
پنهنجي هستيءَ کي نه سنواريو.
پر،
نينهن نگر ۾ پاڻ پڌائڻ آهي ڏوهه.
آهي ڏوهه.

ذوالفقار سيال

## وايون

ڳاڙها ڳاڙها گل ٽڙون ٿا، پسي تنهنجا ڳل،
تون آن مند بهار جي.

ساهن ۾ سرهاڻ ٿي ڦهلي، سپنا سڀ وسريل،
تون آن مند بهار جي.

پنهنجو پيار نرالو آهي، ديوانن جا گل،
تون آن مند بهار جي.

تنهنجي خاطر موتي آيس، جهوليءَ پاتي گل،
تون آن مند بهار جي.

منهنجي ياد نه وسري سگهندئي، توکي آهي پل،
تون آن مند بهار جي.

## مخدوم جميل الزمان

هن طرف شمس و قمر جو اشتراڪ،
هن طرف مرسل جو روئي تابناڪ.

شافعِ محشر ڪنهن هڪڙي نگاهه، سينهء شاهه فلڪ آن دم ٿيو چاڪ.
آن ڪان وڌ ٻيو ڪير هوندو باخبر، جنهن ڪي مدحِ مصطفيٰ جو انهماڪ.
اصليت جو ڪير اندازو هڻي، هو تصوّر ۾ به آهي پاڪ پاڪ،
چنڊ، تارا، ڪهڪشان ۽ آسمان، رهبرِ دارين جي قومن جي خاڪ.
نعمت ۾ شامل ٿين جي واسطي، لفظ هڪٻئي سان ڪن ٿا انسلاڪ.
شال محشر ڪان به ٻيو آءُ هجان، عشقِ محبوبِ خدا ۾ پرتپاڪ.

سنڌ جو رهواسي جميل ابن امين،
شربتِ ديدار جو آهي پياڪ.

## راشد مورائي

### غزل

ٽاندي ٽپندي سهڻيء ٿورَ،
نياپا آندا ڪانگ لڪورَ.

اڄ اڄ ڪنياتا، نچ نچ آءُ، گهور وڃان مان توتان گهورَ.
منهنجو روح آجايل ڍورُ، تنهنجو در مون لاءِ اجهورَ.
مون ڪي پنهنجي ناهه پروڙ، تنهنجي ڳالهه ڳجهارت ڏورَ.
ڪترَ ٿي ڪُنرا ٻوھ ڪنورَ، هاءِ الا ساڻهو ڪُنَ چورَ.
پربو ڪاڳر شمرن سان، تنهنجو پيار پڻي تي پتورَ.
ڪيچ سان پنجي وبو آ ٻيچ، پڙڪيا ٻؤ پتلِ اي پنهورَ.
’راشد!‘ نيٺ ڪيو بيمارُ، بيمارن جي نهل ٽڪورَ.

میر غلام الله خان ٽالپر

## مور جھنگو

ڪيڏو معصوم آهي افسانو بنائي ٿو ڇڏي،
مون کي هٿ ساڻ گهرائي پوءِ ٺٺائي ٿو ڇڏي.

ڪين ٿي مون کي يقين صبح درخشان جو وري،
هُو جڏهن زلف کي چهري تي ورائي ٿو ڇڏي.

ڪين ڪٿي پاڻ سکهون عشق جي بازي اي دل،
هن جو هر وار جڏهن هوش وڃائي ٿو ڇڏي.

وعدي جي شب آهي يا آهي قتل گاهه نئين،
پنهنجي مرڪن سان صنم دل کي ڪنبائي ٿو ڇڏي.

هن جي دل تي ڪو زماني جو خيال آ شايد،
منهنجو نالو هو لکي خط ۾ مٽائي ٿو ڇڏي.

آهي دستور چمن يا هن جي ادا جو جادو،
هر ڪو گل هن کي ڏئي ڪنڌڙو نمائي ٿو ڇڏي.

هي محبت آهي اي ”مير“ يا آهي ڪو عذاب،
منهنجو نالو هو وٺي، منهن کي لڪائي ٿو ڇڏي.

محمد شريف ”طالب“

●

آئي ياد تنهنجي رَنم رات ساري،
ڪيئي ڪوڙ جاني پرين پوئيواري.

ڏسان تنهنجون راهون ڪڏهن يار ايندين،
دُکايل کي دل کي دلاسو تون ڏيندين،
سدا آهي تن ۾ تنهنجي تات تاري.

پرين مون کي بلبل پون پور تنهنجا،
اچين تون جي هيڪر لهن سور منهنجا،
لهي دل تان دلبر سڄڻ بيقراري.

سڄڻ توکي ”طالب“ سدا وينو ساري،
ڇڏيو محب منڙا تو مون کي وساري،
منهنجي تن اندر ۾ برهه باهه باري.

تقريباً تيرهن سؤ سال اڳ، سنڌ کي تهذيب ۽ تمدن جو تڪميلي پيغام ڏاهران پهتو، جنهن کي هن ملڪ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ان کي اڳتي وڌايو، ۽ ان جو ڦل حاصل ڪيو. اهو سيڪجهه سنڌ اهڙيءَ ته خوش اسلوبيءَ سان ڪيو، جنهن جو مثال هتي جو ڪو ٻيو صوبو پيش ئي نٿو ڪري سگهي. انهيءَ حالات جو نتيجو هڪ طرف "لطيف" ۽ سندس پيغام آهي، ته ٻئي طرف سنڌي ٻوليءَ جا هزارين پهاڪا آهن، جن جي رمزن ۽ اشارن ۾ دانائي سمايل آهي، ۽ جي دنيا جي مهذب ترين ٻولين جي پهاڪن جي ڀيٽ ۾ هڪ امتيازي درجو رکن ٿا.

ـ علامه آءِ. آءِ. قاضي

# مقالا ـ مضمون

"اهليت ۽ اهميت جي لحاظ کان، سنڌي ٻولي پاڪستان جو بهترين سرمايو آهي. علم اللغة جي لحاظ سان سنڌي ٻولي نه صرف پاڪستان جي قديم ٻولي آهي، بلڪ سڄي پاڪ هند برصغير جي قديم ترين ٻولين مان آهي، ڇاڪاڻ ته ڀارت جي ڪلاسيڪي ٻولي سنسڪرت جي وڏي ڀيڻ آهي. بين الاقوامي لحاظ سان پڻ، پاڪستان سنڌي ٻوليءَ تي فخر ڪري سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته هڪ ته دنيا جي قديم آريائي تمدن — مثلاً مصري، بابلي ۽ عراقي تمدن جي ساٿي 'سنڌو تمدن' جي ٻولي آهي، ٻيو ته هيءَ دنيا جي واحد زبان آهي جا تاريخ خواه لغت جي اعتبار کان 'آريائي' توڙي 'سامي' خوبين جي پيداوار ۽ علمبردار آهي. اسلامي جمهوري رياست جو سنڌي ٻولي چشم و چراغ آهي، ڇاڪاڻ ته هن ٻوليءَ کي نبي ڪريم جي اصحابن پنهنجي ڪنن سان ٻڌو، تابعين ۽ تبع تابعين ڳالهايو، ۽ محدثن، راوين، عالمن ۽ سنڌ جي نيڪ عرب حاڪمن، هن جي خاص پرورش ڪئي. سنڌي ٻوليءَ کي ئي اهو شرف حاصل آهي، جو هن ۾ قرآن شريف جو پهريون ترجمو ٿيو، ۽ هن سڄي برصغير ۾ اها اڪيلي ۽ پهرين زبان آهي، جا قديم وقت کان وٺي عربي خط نسخ ۾ لکي وڃي ٿي، سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهه لطيف جهڙي اسلامي مفڪر ۽ روميءَ جي همنوا شاعر جو ڪلام آهي، جنهن تي هي ملڪ ناز ڪري سگهي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جو ادبي سرمايو به ايڏو ته وسيع ٿي چڪو آهي، جو هن ملڪ جي ٻين ٻولين کي انهيءَ منزل تي پهچڻ ۾ ڪي ورهيه لڳندا. انهيءَ شاندار پس منظر، مضبوط حال ۽ روشن مستقبل جي صورت ۾، سنڌ وارن لاءِ اهو عين فطري آهي، ته هو سنڌي ٻوليءَ سان محبت ڪن..."

— ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# قلندري طريقو

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

صوفيائي ڪرام جي سلسلن ۾ قلندري سلسلي کي هڪ خاص حيثيت حاصل آهي. حضرت قلندر شهباز جي ذات، ان جي فڪر ۽ مقصد کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته قلندري طريقي کي سمجهيو وڃي، سندس فڪري پيغام، مستيءَ جي مقصد ۽ مفهوم کي ذهن نشين ڪيو وڃي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ سندس مقصد جو جائزو ورتو وڃي.

”قلندر“ دراصل صوفيائي ڪرام جو وضع ڪيل هڪ اصطلاح آهي. طريقت جي انهن سالڪن کي ”قلندر“ چيو ويندو آهي، جن جو ظاهري عمل ماڻهن کي ايڏو گهڻو نظر نه اچي، پر قلبي عمل تمام گهڻو هجي. غير حق ڏانهن ٿورو به ڌيان نه ڏيڻ، پنهنجي رتبي، سٺا ۽ خواهش کي ختم ڪري، راضي به رضا رهڻ ۽ ان ۾ ئي دل جو سڪون حاصل ڪرڻ، واردات قلبي جو حق ادا ڪرڻ؛ مطلب ته سموري توجهه جو مرڪز ۽ محور دل جي روحاني جذبن کي بنائڻ، قلندريءَ جون وصفون آهن. انهيءَ لحاظ کان قلندري طريقي جا ٻه جزا چيا ويندا آهن. هڪ زهد، ٻيو محبت. مطلب هي آهي ته فقط هڪ جو ٿجي ۽ ٻين کي ترڪ ڪري ڇڏجي.

حضرت خواجه عبيدالله فرمايو آهي:

”پاڻ کي متاعاً کان مجرد ڪرڻ، يعني نفس جي ابتڙ هلڻ ۽ جيڪي حق تعاليٰ جي طرفان هجي، تيئن ڪرڻ، قلندري طريقو آهي.“

تحقيقات الصوفيه جو صاحب لکي ٿو:

”قلندر انهيءَ کي چئبو آهي، جو تارڪالدنيا هجي، مجرد گذاري ۽ نفساتي لذتن کان پري هجي.“

هڪ سنڌي شاعر، قلندري طريقي جي وصف ڏانهن اشارو ڪندي، حضرت قلندر شهباز جي مدح ۾ چيو آهي:

”تارڪالدنيا و مافيها، قلندر تنهنجو نام.“

ڪشف اللغات ۾ آيو آهي:

”قلندر انهيءَ کي چوندا آهن، جو پنهنجي جهان کان آزاد هجي، يعني ٻالهو هجي ۽ خاص معبود ۾ محو هجي.“

# ڀٽائي گهوٽ جي سُر سارنگ جو مُطالعو

## ڊاڪٽر نواز علي "شوق"

سارنگ سنسڪرت زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مور جي ٻولي. ان کان علاوه هڪ راڳڻيءَ جو به نالو آهي. سنپورڻ راڳ جي قسمن مان هڪ آهي. هن راڳڻيءَ جا سُر حقيقي معلوم ٿيندا آهن. هيءُ راڳ ٻنپهرن جو ڳايو ويندو آهي. شاسترن ۾ هيءُ هڪ پلارو راڳ ڄاڻايو ويو آهي. هي معنائون شبد ساگر (هندي ڊڪشنري) ۽ جان پلاٽس جي هندستاني انگريزي ڊڪشنري ۾ ڄاڻايل آهن. هندي جي مشهور ڊڪشنري "شبد ساگر" ۾ سارنگ جي معنيٰ ميگهه، بادل ۽ ڪنوڻ پڻ ڄاڻايل آهي. موسيقيءَ جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ هن راڳ جي ڳائڻ سان مينهن وسندو آهي. واقعي اها هڪ حقيقت آهي، ڇاڪاڻ تہ جن ڪنور جو راڳ ٻڌو، تن جو چوڻ آهي تہ ڪنور جڏهن سارنگ ڳائيندو هو تہ آسمان تي ڪڪر ڇانئجي ويندا هئا ۽ مينهن وسڻ لڳندو هو.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جي ڪلام جو مطالعو ڪرڻ سان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ شاهہ سائينءَ کي پاڻيءَ سان پريت آهي. سريراڳ، ساموندي، سهڻي، ڪاموڏ، گهاتو ۽ سارنگ ۾ پاڻي ۽ پاڻيءَ سان متعلق شين جو ذڪر مليو ٿو. انهن سُرن کان سواءِ ڪن ٻين سُرن ۾ جزوي طور پاڻيءَ جو ٿورو گهڻو ذڪر موجود آهي. ٻين پاڻي وارن سُرن ۾ سمنڊ يا درياهہ جو خاص طور ذڪر ڪيل آهي، پر سُر سارنگ ۾ ٻلر جي پالوٽ نظر اچي ٿي، يعني ان ۾ مينهن ۽ ان سان متعلق شين جو ذڪر آهي.

بيشڪ مينهن الله جي رحمت آهي ۽ الله تعاليٰ جو وڏو احسان آهي، جنهن سان ماڻهو توڙي جانور فائدو حاصل ڪن ٿا. جيئن ارشاد باري تعاليٰ آهي تہ: "ڇا انهن ڪونہ ڏٺو تہ اسان خشڪ لوڻ زمين جي طرف پاڻي پهچايون ٿا. پوءِ انهن جي ذريعي پيدا ڪريون ٿا، جنهن مان سندن جانور بہ کائين ٿا ۽ هو خود بہ، ڇا هو غور نہ ٿا ڪن." ٣٢/٢٧

ٻنهي جهانن جي سردار حضور پُرنور صلي الله عليه وسلم جن جي هڪ حديث شريف آهي (جيڪا امام بخاري ۽ امام مسلم جي ڪتابن ۾ موجود آهي) تہ حضرت ابو موسيٰ اشعري رضہ کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ: "جيڪا هدايت ۽ علم حق تعاليٰ سون کي عنايت ڪري مبعوث فرمايو آهي، تنهن جو مثال ان ابر وانگر آهي، جو اهڙي

## (١۴) حضرت يوسف جو قصو

ڪل ورق ١٩۴، سائيز ١٢×١٩ سينٽي ميٽر، هر صفحي تي ١٢ ڪسان ١٣ سٽون، ارڙهين صدي؟

مٿي ذڪر ڪيل نسخي جي ئي ڪاپي آهي. ٿوري اختلاف سان ان جي ابتدا ٿئي ٿي. ڏسجي ٿو ته هي مخطوطو عجلت ۾ ختم ڪيو ويو آهي، ۽ اڻپورو آهي. ڊاڪٽر شيخ جو خيال آهي ته پهرئين جي ڀيٽ ۾ هي نسخو جهونو ۽ پروسي لائق آهي. جيتوڻيڪ ڪٿي ب ڪاتب جو نالو ڪونه ٿو ملي، تاهم اندازو آهي ته ان جو ڪاتب ب محمد ملوڪ آهي، جنهن ١١٨٠ﻫ ۾ وفات ڪئي هئي.

ابتدا: شروع ڪريان قصي ڪي نالي ذاتي سان
جو سائين سڀاجهو سڀ ڪو سميع سلطانا

خاتمو: جڏهن نشاء ٿي ٻنهد ۾ نرمل ليا
ڪيائين حضرت يوسف لاءِ سالياهي جسا



# مير لطف الله عرف مير منارو

(ميان نورمحمد ڪلهوڙي جو هڪ مدبر وزير)

قريشي حامد علي خانائي

ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت ۾ ڪيترائي سياسي مدبر، اڪابر، سپهه سالار، وزير ۽ سفير ٿي گذريا آهن، جن جي حياتيءَ جو مفصل احوال اڃا تائين گمناميءَ جي ڪُن ۾ غرق آهي، ايتريقدر جو انهن جي مدفن جو صحيح هنڌ به معلوم نه آهي، ته هن وقت اهي ڪٿي ۽ ڪهڙي هنڌ ابدي ننڊ ۾ روزمحشر تائين انتظار ۾ ستل آهن. وري به "نامه نغز" وارو صاحب وڏيڪ تحسين جو لائق آهي، جنهن ڪلهوڙن جي دؤر جي تاريخ تي مفصل تذڪرو لکي، ان دؤر جي ڪيترين ئي اهم شخصيتن کي هميشه لاءِ زنده ڪري ڇڏيو آهي، نه ته سنڌ وارن جا حال هردؤر ۾ لاغرضي ۽ لاپرواهيءَ وارا ئي رهيا آهن. اسان ڪڏهن به پنهنجن مدبرن ۽ مشاهيرن جي ڪارنامن کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي.

ميان نورمحمد خان ڪلهوڙو سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ وڏيءَ سياسي بصيرت جو حاڪم ٿي گذريو آهي. ميان نورمحمد خان وڏو مردم شناس، مشاهدي ۽ تجربي وارو شخص هو. پاڻ نهايت ئي اعليٰ خوبين ۽ گڻن وارن جو قدردان هو. سندس دؤر حڪومت ۾ ڪيترائي بلند پايه جا عالم، حڪيم، وزير، سفير، وڪيل ۽ امير ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي فهم ۽ فراست موجب ملڪي خدمتون بجا آنديون. ميان نورمحمد خان ڪلهوڙي جي انهن وزيرن، سفيرن، وڪيلن ۽ صلاحڪارن مان مير لطف الله عرف مير منارو وڏيءَ حيثيت ۽ شخصيت جو مالڪ ٿي گذريو آهي. مير لطف الله، ميان صاحب جو خاص وزير ۽ صلاحڪار هو. سرڪاري دفتر ۽ ٻاهرين ملڪن سان خط وڪتابت ڪرڻ جو دفتر ٻڻ سندس ئي سپرد هو. سرڪاري فرمان ۽ لکپڙهون ۽ حڪومت جا نازڪ ۽ منجهيل سياسي مسئلا ۽ اهم مراسلا، مير لطف الله پاڻ لکندو هو.

مير لطف الله جي شروعاتي دور ۾ جيڪي به اهم سياسي خواهه ملڪي معاملا درپيش آيا، تن سڀني ۾ هن نهايت ئي تدبر، دانشمندي ۽ سيائپ سان پنهنجا رايا ۽ مشورا ڏنا ۽ سندس انهن راين ۽ مشورن کي ميان نورمحمد خان ڪلهوڙي وٽ وڏو وزن هوندو هو. نه صرف ملڪي، بلڪ ڪلهوڙا خاندان جا گهرو مسئلا ٻڻ مير صاحب حل ڪندو هو، ۽ انهن ۾ ڪيس ڪافي دخل هوندو هو.

(٣) هنن ۾ هاٿين جهڙي قوت آهي ۽ سندن جسم چيتن جهڙا آهن. سيني جي هڏن ۾ گرز آهن. تلوارون ۽ بندوقون آهن.

(٤) هو ڪنهن به لشڪر کان نٿا ڏڄن، ڏاڍا بيباڪ آهن. ميدان ۾ دلير آهن ۽ حد درجي جا چالاڪ آهن.

(٥) جيڪڏهن هن سالار جي فوج جوش ۾ اچي وڃي ته جيڪر پهاڙ جي دل مان به دانهون نڪرڻ لڳن (٥).

اهڙيءَ ريت مير لطف‌الله پنهنجي بهادر سنڌي حاڪم ۽ هن جي فوج جي بهادريءَ ۽ سرويچيءَ جو ڏاڪو دشمن تي وهارڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي. ان کان پوءِ نادرشاهه مير لطف‌الله سان گڏ، محمد علي بيگ نالي هڪ پنهنجو سفير ميان ڏانهن موڪليو ته هو کيس پيغام پهچائي ته ميان صاحب باقاعدي ساليانو خراج نادرشاهه کي پهچائيندو رهي ۽ پنهنجي پٽ کي ڏهن هزارن سنڌي سپاهين سان ڏانهس موڪلي ڏئي (٦).

مير لطف‌الله، محمد علي بيگ سان گڏجي، جڏهن سنڌ پهتو ته ميان نورمحمد خان ڪلهوڙي پنهنجي سفير جو ڏاڍو آڌرڀاءُ ڪيو. نادرشاهه جو مذڪور پيغام ميان صاحب ٻڌي، يڪدم پنهنجن اميرن جي دربار منعقد ڪئي؛ جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته مڙس ٿي نادرشاهه جي طاقت جو مقابلو ڪجي. باقي اهي متيان ٻئي شرط سنڌ جي حاڪم جي غيرت ۽ عزت وٽان نه آهن ۽ ان ڳالهه جو آخرين فيصلو تلوار ئي ڪندي (٧). اهو فيصلو نادرشاهه جي ايلچي محمد علي بيگ جي معرفت کيس موڪليو ويو. نادرشاهه سنڌ جي بهادر ۽ غيرتمند حاڪم ميان نورمحمد خان ڪلهوڙي جو مٿيون جواب پڙهندي ئي جوش ۽ غضب ۾ اچي ويو ۽ هڪدم سنڌ تي حملو ڪري ڏنائين. ميان نورمحمد پنهنجن مشيرن سان مشورو ڪيو ۽ آخر اهوئي فيصلو ڪيو ويو ته ميان صاحب ڪنهن طرح سان في‌الحال ڪنهن ڪوشائتي هنڌ ڏانهن هليو وڃي. ميان نورمحمد خان هڪ لک سنڌي فوج ساڻ ڪري عمرڪوٽ جي قلعي ڏانهن هليو ويو.

نادرشاهه سنڌ ۾ پهچي، پنهنجي ظالمانه نموني ۾ بي‌گناهه سنڌ جي غريب عوام کي لٽڻ ۽ برباد ڪرڻ شروع ڪيو ۽ سنڌ جو ملڪ ويران ڪري ڇڏيائين. سنڌ جو سکيو ستابو صوبو تباهي ۽ بربادي‌ءَ جي آگ ۾ جلندو رهيو. هزارين سنڌي ماڻهو قتل ڪيا ويا ۽ ڪيترن کي قيدي بڻايو ويو (٨). ميان صاحب سنڌ جي اها حالت ڏسي، مجبور ٿي پنهنجي شهزادي ميان غلام شاهه کي مير لطف‌الله سان گڏ نادرشاهه ڏانهن وڪيل ڪري موڪليو، مگر نادرشاهه پنهنجي هوڏ تان نه لٿو ۽ اچي ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي ٿاڻي عمرڪوٽ ۾ ڪٽڪ ڪيو (٩).

مير لطف‌الله، ميان صاحب پاران سفارت ۽ وڪالت کان سواءِ ٻين به ڪيترن ئي ملڪ جي سياسي ۽ فوجي مهمن ۾ گڏ رهيو. مير لطف‌الله سياسي بصيرت سان گڏ اعليٰ درجي جو

# حوالا


(۱) مرزا قليچ بيگ: "قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ۱۹۶۶ع، ص ۳۷.

(۲) مولائي شيدائي، "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ۱۹۵۸ع، ص ۵۶۲.

(۳) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "مقالات الشعراء" (فارسي)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ۱۹۵۷ع، ص ۱۲۷.

(۴) مهر غلام رسول: "تاريخ سنڌ — ڪلهوڙا دور"، جلد ٻيو، مترجم ابن حيات پنهور ۽ شمشير الحيدري، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ. ۱۹۶۳، ص ۳۹۹، ۴۰۰، ۴۰۱.

(۵) ايضاً، ص ۴۰۱.

(۶) ايضاً، ص ۴۰۱.

(۷) ايضاً، ص ۴۰۲

(۸) ايضاً، ص ۳-۴۰۲

(۹) ايضاً، ص ۵-۴۰۷




"انسانن جيڪي اڄ تائين تعميري خواب ڏٺا آهن،
۽ جا حاصلات، جو حسن ۽ جا عظمت ڪين نصيب ٿي آهي،
سا رڳو ڪاغذ جي سيني ۾ ٿي ڌڙڪندي محسوس
ٿئي ٿي......
جيستائين ڇڳو ادب ظاهر ٿيندو رهندو، ۽ جيستائين
معصوم ٻارڙا مشڪندا رهندا، انسانيت جو مستقبل اونداهو
نه رهي سگهندو" ـ برنارڊ شا

کهاڻيون

# هن پرچي جا ليکڪ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ايم. ايڇ. پنهور، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، تنوير عباسي، نياز همايوني، شمشير الحيدري، بشير موريائي، نجم عباسي، قاضي خادم، سليم ڳاڙهوي، عنايت بلوچ، ڊاڪٽر نواز علي شوق، استاد بخاري، عبدالقيوم صائب، الياس عشقي، ذوالفقار راشدي، سروپچندر شاد، ولي رام وليپ، قريشي حامد علي خانائي، غلام محمد لاکو، ڊاڪٽر گل حسن لغاري، محمد اسماعيل شيخ، مظفر حسين جوش، محسن ککڙائي، احمد خان آصف، رحيم بخش قمر، نثار بزمي، آٿم ناٿن شاهي، احمد خان مدهوش، ولي محمد وفا، انيس انصاري، تاج جويو، خاڪي جويو، مختيار ملڪ، نصير مرزا، اياز گل، پشپا وليپ، ادل سومرو، ذوالفقار سيال، مخدوم جميل الزمان، راشد موراڻي، هدايت بلوچ، نظام الدين زائر، محمد شريف طالب، عبدالرسول قادري بلوچ، عبدالغفار صديقي، محسن علي شاه بخاري، غلام رسول ڪلهوڙو، افروز شورو، منظور ٿهيم، ميرغلام الله خان ٽالپر، عبدالله خان مگسي، ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي، الطاف اثيم.